
# ١١. دياوان دادا

ٻڌو. پڙھو ۽ سمجھو.




مکڻ کي ٿوري گرمائش ڏبي آھي تہ مکڻُ رِجي پوندو آھي. سچا سنت ٻين جو ڏک درد ڏسي رِجي پوندا آھن. سندن دل ديا جو درياھہ ھوندي آھي. سندن من ۾ سنيہ ۽ سھانپوتيءَ جو ساگر ٿيندو آھي.

سچو سنت اُھو آھي جو پر پيڙا کي پنھنجي پيڙا سمجھي اُن کي دور ڪري.

دادا جشن واسواڻي ننڍپڻ کان ئي دياوان آھي. ھوُ ٻال اوستا ۾ ئي ڪو فقير ڪو اَپاھج يا بکايل ڏُکايل ڏسندو ھو تہ پنھنجي کيسي جي خرچي اُن کي ڏيئي ڇڏيندو ھو.

ھڪ دفعي ٻالڪ جشن ڪراچيءَ جي ھڪ بازار مان لنگھي رھيو ھو تہ سندس نظر رانديڪن جي ھڪ دُڪان تي پيئي. ھو دڪان اَندر گھڙي ويو. اُتي قسمين قسمين جا رانديڪا رکيل ھئا. اُنھن رانديڪن ۾ ھڪ ريل گاڏي بہ ھئي. سندس دل ھئي تہ ھوُ اُھا پٽن تي ھلندڙ ريل گاڏي خريد ڪري. ھُن دڪاندار کان ريل گاڏيءَ جو مُلھہ پُڇيو. دڪاندار وراڻيو، ٻہ روپيا. اِھو جواب ٻُڌي ٻالڪ جشن سوچ ۾ پئجي ويو. تن ڏينھن ۾ ٻن روپين جو وڏو مُلھہ ھوندو ھو. ھر ٻار کي پائي، ٻہ پايون يا پئسو خرچي ملندي ھئي. ٻالڪ جشن خيال ڪيو تہ روز ھڪ پئسو گڏ ڪري اِھا ريل گاڏي خريد ڪندس. ڪڏھن ڪڏھن ھوُساڳئي دڪاندار کان وڃي پڇي ايندو ھو تہ متان اُن ريل گاڏيءَ جو اگھہ گھٽ ٿيو ھجي. دڪاندار کيس چوندو ھو تہ، ’جڏھن تون ٻہ روپيہ ڪٺي ايندين، تڏھن ئي توکي اِھا ريل گاڏي ڏيندس.‘

ٿورن ڏينھن کان پوءِ ٻالڪ جشن جو مامو سندس گھر ۾ آيو ۽ ٻالڪ جشن کي پاٻوھہ مان چانديءَ جا ٻہ روپيہ ڏنائين. ٻالڪ ٻہ روپيہ خرچي وٺي خوشيءَ ۾ نہ سمايو. ھوُ اُن وقت ئي رانديڪن جي اُن دڪان تان اُھا ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ نڪتو. جڏھن بازار ۾ آيو تہ ھُن ھڪ فقيرياڻي ڏٺي. جنھنجي ھنج ۾ ھڪ ڪمزور بيمار ٻار ھو. ھوءَ پڪاري رھي ھئي درد ڀريئي آواز ۾، ’ڏٽيءَ جي نالي ھُن بيمار معصوُم جي دوا لاءِ ھڪ روپيو دان ڏيو‘

فقيرياڻيءَ جي درد ڀري پُڪار جشن جي ڪَنن تي پيئي، ٻالڪ جو ڌيان اُن ڏانهن ويو. پر ڪيترن ڏينهن کانپوءِ ريل گاڏي خريد ڪرڻ جي تمنا کيس هڪدم رانديڪن جي دڪان تي ڇڪي ويئي.
هن دڪاندار کي چيو، 'اَڄ مان اُها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان، مون کي اُها ريل ڪڍي ڏيو.'
دڪاندار به ٻالڪ کي ڏسي خوش ٿيو. شيشي جي ڪٻٽ مان اُها ريل گاڏي ڪڍي، اُگهي، جئن ٻالڪ کي ٿي ڏنائين، اُن وقت اُها فقيرياڻي اُتي اَچي دلسوز آواز ۾ هڪ روپئي جي دان لاءِ پڪارڻ لڳي.
دڪاندار کيس ڪاوڙجي هڪالڻ لڳو. ٻالڪ جشن جي دل ڀرجي آئي. هن هڪدم اُها ريل دڪاندار کي واپس ڪئي ۽ چانديءَ جا ٻه روپيه اُن فقيرياڻيءَ کي جهول ۾ وجهندي کيس چيو، 'هن معصوم کي جلد کنهن سُٺي ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج. کيس کير به پيئارج.'
فقيرياڻي دعائون ڪندي رمندي رهي. دڪاندار ٻالڪ جشن جو وهنوار ڏسي دنگ رهجي ويو ته کهڙو نه انوکو ٻار آهي! ٻالڪ جشن عجيب خوشي محسوس ڪئي.
کنهن جو ڪيو اَجايو ڪين ٿو وڃي. دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون اِنسان کي اوچ پدويءَ تي پهچائين ٿيون. کنهن به دکيءَ جي دل وٺڻ ثواب جو ڪم آهي.
اَڄ دادا جشن واسواڻي ساري سنسار ۾ شانتي، پريم ۽ ديا جو سنديش سُڻائي رهيو آهي. دادا جشن ڀريون ڀارتيه آهي، جنهنکي آمريڪا ۾ 'يوٿانت' شانتي پُرسڪار سان سنمانت ڪيو ويو.

**نوان لفظ:**

| | | | |
|---|---|---|---|
| سنيهه - سڪ | ثواب - پُڄ | پاڀوهه - پيار | دُعا - آسيس |
| عنايت - مهرباني | سهانيوتي - همدردي | معصوم - اَبوجهه | دِلسوز - دکدائي |

## اَڀياس

**سوال ۱ : هيٺين سوالن جا جواب لکو :-**

۱) سچو سنت ڪير آهي؟
۲) ٻالڪ جشن ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ کهڙي رِٿا رِٿي؟
۳) ٻالڪ جشن کي کنهن خرچي ڏني؟
۴) ٻالڪ فقيرياڻيءَ کي ٻه روپيه ڏيندي ڇا چيو؟
۵) دڪاندار ڇو دنگ رهجي ويو؟

**سوال ۲ : خال ڀريو :-**

۱) سچا سنت ٻين جو دک درد ڏسي ...... وانگر رِجي پوندا آهن.
۲) رانديڪن ۾ هڪ ......... به هئي.
۳) فقيرياڻي ٻالڪ جشن کي ......... ڪندي رمندي رهي.
۴) دکين، دردين ۽ درويشن جون دعائون انسان کي ....... تي به پهچائين ٿيون.

**سوال ۳ : کنهن، کنهنکي ڇيا آهن؟**

۱) 'ٻه روپيه'.
۲) 'ڏٽيءَ جي ناني هن بيمار معصوم جي دوا لاءِ هڪ روپيه دان ڏيو.'
۳) 'اَڄ مان اِها ريل گاڏي خريد ڪرڻ لاءِ آيو آهيان.'
۴) 'هن معصوم کي کنهن سني ڊاڪٽر کان دوا وٺي ڏج ۽ کيس کير به پيئارج.'

**سوال ۴ : جنس بدلايو :-** فقير ............. ٻالڪ ................ دوست ........................ ماتا ...............................

**هدايت :** ماستر شاگردن کي سيوا، همدرديءَ جي اَهميت سمجهائيندو.
**مشغولي :** شاگرد دادا جشن واسواڻيءَ جي جيون بابت وڌيڪ ڄاڻ هٿ ڪري گهران لکي اَچن.


## پورڪ اَڀياس

**١) هيٺ سنڌي سماج جا مشهور سنڌي سنت ڏنل آهن. ڪنهن بہ ٻن سنتن جي ڄاڻ حاصل ڪري لِکو.**

(١) ساڌوُ ٽي. ايل. واسواڻي (٢) سوامي ٽيئُورام (٣) سوامي شانتي پرڪاش (۴) سنت ڪنورراम

(۵) سائين سترامداس (٦) بابا هرداسرام (گودڙيءَ وارو) (٧) سوامي ترلوڪداس (٨) بابا آسوُدارام

**٢. ماٺِ ۾ پڙهو**



علم اِنسان جي ٽين اَک چئبي آهي، علم وارو ماڻهو هرهنڌ عزت پائي ٿو. ڊاڪٽر، اِنجنيئر، وڪيل ۽ جج علم سبب ئي پنهنجي پنهنجي کيتر ۾ ڪاميابيءَ سان ڪم ڪري رهيا آهن. علم موجب جي عمل ڪبو تہ وڏيڪ سڦلتا حاصل ٿيندي. ڊاڪٽر آمبيڊڪر، سنت ونوبا ڀاوي، سوامي وويڪانند علم کي عمل ۾ آندو اِن ڪري سندن نالو اِتهاس ۾ اَمر ٿِي ويو.



**٣. هيٺ ڏنل سنت سڃاڻو ۽ اُنهن جي باري ۾ ڄاڻ حاصل ڪريو.**











## وندر جو وقت

**ٻُڌايو تہ ڪير؟**

١. اُهو ڪير آهي، جنهنجو ريلوي وڀاڳ سان ڪو بہ واسطو نہ هوندي بہ هو سڄي ڀارت ۾ ريل رستي ڪٿي بہ مفت ۾ وڃي سگهي ٿو. (..............................................................)

٢. اُهو شڪتيشالي ماڻهو ڪير آهي، جيڪو هٿ جي اِشاري سان سڀني موٽر گاڏين کي بيهاري سگهي ٿو؟ (..............................................................)

٣. اُها ڪهڙي چيز آهي، جنهن کي توهان ڏنو ضرور هوندو پر اُن کي توهان جڏهن چاهيو، تڏهن ڏسي نٿا سگهو. (..............................................................)

۴. اُها ڪهڙي شيءِ آهي جيڪا توهان محسوس ڪري سگهو ٿا پر ڏسي نٿا سگهو. (....................................)

٢. طوطو يا ڪُتي جو گُلڙو لاءِ ڪلپنا ڪري ڪويتا يا پنج ڇهہ جُملا لِکو.